SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1975

SINDH ACT NO.XI OF 1975

سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرز لاءِ) مراعتون ايڪٽ، 1975

THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (MEMBERS) PRIVILEGES ACT, 1975

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌاروءِ شروعات

Short Title, Extent and Commencement

2. تعريف

Definitions

3. ميمبرز خلاف ديواني يا فوجداري قدم

Members to Civil or Criminal Action

4. گرفتاريءَ خلاف مراعت

Privilege against detention

5. ضمانت جوڳي ڏوهہ ۾ نظربند يا گرفتار ميمبر جي حاضري

Attendance of a Member detained or Arrested on a bail able Charge

6. ڪجهه عدالتن سامهون پيشي کان مراعت

Privilege against appearance before certain Courts

7. ڪا به (سمن، نوٽيس يا لکت) بابت تعميلي ڪارروائي اسيمبلي ۾ نه ٿيندي

No process to be served in the Assembly

8. ڪنهن به (ڪورٽ جي فيصلي) جو تعلق ميمبر جي پگهارن ۽ الائونسز سان نه هوندو

No Attachment of salaries and allowances

9. ميمبر اهم شخصيتون هوندا

Members to be VIPs

10. سرڪٽ هائوسز وغيره تي رهائش

Accommodation on Circuit Houses etc

11. ادارن جو دورو

Visit to Institutions

12. قاعدن جي پيڪڙي ڪندڙن جي حوالي سان ذميواري کان بري هجڻ

Non_liability of removing persons infringing rules

13. شاهديون طلب ڪرڻ

Summoning of witness

14. مراعت جي پيڪڙي

Breach of privilege

15. ڏوهہ جي ٻڌڻي بابت عدالتي اختيارءِ ڪارروايون روڪڻ

Cognizance of offence and stay proceedings

16. ضمانت

Indemnity

17. منسوخي

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1975

SINDH ACT NO. XI OF 1975

سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرز لاءِ) مراعتون ايڪٽ، 1975

THE SINDH PROVINCIAL ASSEMBLY (MEMBERS) PRIVILEGES ACT, 1975

[25 جون 1975]

سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي مراعتون ڏيڻ بابت ايڪٽ

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل نمبر 250 جي شق (1) جي تقاضا آهي تہ آئين جي لاڳو ٿيڻ واري ڏينهن کان وٺي ٻن سالن جي عرصي ۾ اهڙي گنجائش ڪڍي وڃي جنهن سان صوبائي اسيمبلي جي مراعتن جو تعين ڪيو وڃي.

انهيءَ کي هن ريت جوڙيو پيو وڃي.

مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short Title, Extent and

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ صوبائي اسيمبلي (ميمبرز لاءِ) مراعتون ايڪٽ، 1975 سڏيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

Commencement

تعريف

Definitions

2. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي مضمون ۾ تناظر جي خلاف نہ آهي تہ پوءِ هيٺين لفظن جون معنائون هن ريت ٿينديون:

(a) "اسيمبلي" مطلب سنڌ جي صوبائي اسيمبلي

(b) "ڪميٽي" مطلب اسيمبلي طرفان مقرر ڪيل ڪميٽي، ۽ جنهن ۾ شامل هجي اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي ۽ چونڊ ڪميٽي

(c) "آئين" مطلب اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو آئين

(d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت

(e) "گورنر" مطلب سنڌ جو گورنر

(f) "ميمبر" مطلب اسيمبلي جو ميمبر

(g) "ڪارروائي جا قاعدا" مطلب اسيمبلي جي ڪارروائي هلائڻ ۽ طريقيڪار جا قاعدا

(h) "سيڪريٽري" مطلب اسيمبليءَ جو سيڪريٽري

(i) "اسپيڪر" مطلب اسيمبليءَ جو اسپيڪر

ميمبرز خلاف ديواني يا فوجداري قدم

Members to Civil or Criminal Action

3. آئين جي روشني ۾ ڪنهن بہ ميمبر خلاف ديواني يا فوجداري مقدمي جي ڪارروائي ڪري نٿي سگهجي تہ هن ڇو ۽ ڇا لاءِ اسيمبليءَ ۾ يا انهيءَ ڪميٽيءَ اڳيان ڪنهن بل، ٺهراءَ، تحريڪ يا سوال وغيره ذريعي پنهنجو موقف پيش ڪيو آهي يا اهڙو نوٽيس ڏنو آهي ۽ ان لاءِ اسپيڪر طرفان اجازت نہ ڏني وئي آهي.

گرفتاريءَ خلاف مراعت

Privilege against

4. اسيمبليءَ جو ڪو بہ ميمبر يا ڪنهن ڪميٽي (جو ميمبر) حفاظتي مقصدن لاءِ ڪنهن قانون تحت گرفتار نہ ٿا ڪري سگهجن، جيستائين اسيمبليءَ جو

اجلاس هلي رهيو آهي، يا ان کان چوڏنهن ڏينهن پوءِ، جيئن بہ ڳالهہ هجي، ڪميٽيءَ جي ميٽنگ دوران يا ان کان ٿي ڏينهن پوءِ بہ گرفتاري ڪري نٿي سگهجي.

detention

5. جيڪڏهن ڪورٽ ٻڌائي ٿي تہ ڪنهن ميمبر کي فوجداري ڪيس ۾ جهليو يا ٻڌو ويو آهي ۽ ان ڪورٽ اڳيان، انهيءَ ڪيس جي ٻڌڻي باقي آهي ۽ هن کي اسيمبليءَ جي اجلاس يا ڪميٽيءَ جي ميٽنگ لاءِ سڏيو ويو آهي تہ ڪورٽ جيڪڏهن ڏوهہ قابل ضمانت آهي تہ ان گرفتار يا جهليل ميمبر کي ذاتي ضمانت تي آزاد ڪري سگهي ٿي تہ جيئن هو اجلاس يا گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿئي.

ضمانت جوڳي ڏوهہ ۾ نظربند يا گرفتار ميمبر جي حاضري

Attendance of a Member detained or Arrested on a bail able Charge

شرط اهو آهي تہ انهيءَ ميمبر کي انهيءَ ڏينهن يا ڏينهن تي ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻو پوندو، جيڪي ڪيس جي ڪارروائي هلائڻ لاءِ ڪورٽ مقرر ڪيا آهن.

6. ڪا بہ ديواني يا روينيو ڪورٽ، ڪميشن يا ٽريبيونل اهڙي معاملي تي اڳيرائي ڪري نٿي سگهي، جنهن ۾ اسيمبليءَ يا ان جي ڪميٽيءَ جو ميمبر ڌر آهي، اهڙي ميمبر کي پنهنجي اڳيان حاضر ٿيڻ لاءِ چئي نٿي سگهي، جڏهن اسيمبليءَ جو اجلاس هلي رهيو آهي، يا اسيمبلي اجلاس ختم ٿيڻ کي چوڏنهن ڏينهن نہ ٿيا آهن، صورتحال ڪيئن بہ هجي، اهڙيءَ طرح ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ ميمبر کي ڪميٽيءَ جي گڏجاڻين ختم ٿيڻ کان ٽن ڏينهن تائين حاضر ٿيڻ لاءِ چئي نٿو سگهجي.

ڪجهہ عدالتن سامهون پيشي کان مراعت

Privilege against appearance before certain Courts

هن سيڪشن جي ڪا بہ شق لاڳو نہ ٿيندي، بشرطيڪ

اهو ميمبر ڪورٽ، ڪميشن يا ٽريبيونل کي پنهنجي مراعات جي حوالي سان درخواست ڏئي.

ڪا بہ (سمن، نوٽيس يا لکت) بابت تعميلي ڪارروائي اسيمبلي ۾ نہ ٿيندي

No process to be served in the Assembly

7. ڪورٽ، ڪميشن يا ٽريبيونل طرفان اسپيڪر جي اجازت کانسواءِ ڪنهن بہ ميمبر تي ڪا سمن يا نوٽيس اسيمبلي بلڊنگ جي اندر تعميل ڪرائي نٿو سگهجي.

ڪنهن بہ (ڪورٽ جي فيصلي) جو تعلق ميمبر جي پگهارن ۽ الائونسز سان نہ هوندو

No Attachment of salaries and allowances

8. مروجہ قانون هيٺ ميمبر کي ملي سگهندڙ پگهار يا الائونس کي ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908 Act) (No.V of 1908 جي فيصلي يا فتويٰ سان نہ ڳنڍيو ويندو.

ميمبر اهم شخصيتون هوندا

Members to be VIPs

9. حڪومت جي هدايتن جي روشني ۾ يا وقت جي قانون هيٺ ميمبر کي اها حيثيت حاصل هوندي ۽ انهن مراعتن جو حقدار هوندو جيڪي ڪنهن خاص ماڻهوءَ کي ڏئي سگهجن ٿيون.

سرڪٽ هائوسز وغيره تي رهائش

10. ڪو بہ ميمبر اختياري کي اڳواٽ اطلاع ڏئي ڪنهن سرڪٽ هائوس، ريسٽ هائوس يا اهڙي ڊاڪ بنگلي ۾ رهي سگهي ٿو جنهن کي سرڪار يا مقامي

اختياري هلائيندي هجي، پر شرط اهو آهي تہ رهڻ جي گنجائش موجود هجي ۽ هن کان اتي رهڻ جي معاوضي طور اوترو ورتو ويندو، جيترو ڪنهن آفيسر کان ڊيوٽي دوران اهڙن هنڌن تي رهڻ لاءِ ورتو ويندو آهي.

Accommodation on Circuit Houses etc

11. (1) ڪو بہ ميمبر پنهنجي ايراضي واري يا سندس ضلعي جي اسپتالن، تعليمي ادارن يا ٻين ادارن جو اڳواٽ اطلاع ڏئي معائنو ڪري سگهي ٿو.

ادارن جو دورو

Visit to Institutions

(2) ڪو بہ ميمبر اهڙي معائني بابت هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) هيٺ ان ڪاتي جي وزير کي پنهنجي رپورٽ پيش ڪري سگهي ٿو.

12. اهو ماڻهو جيڪو اسپيڪر يا اسيمبليءَ جي حڪم يا اختيار هيٺ نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي يا ڪنهن ماڻهوءَ کي اسيمبليءَ جي حدن کان ٻاهر ڪڍيو ويو آهي، تہ اهڙي اٿوٽندڙ ورتاءَ يا قاعدن لاڳو ڪرڻ ڪري (اسپيڪر يا اسيمبلي) ڪنهن بہ ديواني يا فوجداري قدم کان بري هوندا تہ ماڻهو کي ڇو ڪڍيو آهي.

قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ن جي حوالي سان ذميواري کان بري هجڻ

Non_liability of removing persons infringing rules

13. (1) هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (6) هيٺ اسيمبلي يا ڪميٽي ڪنهن ماڻهو کي شاهدي لاءِ گهرائي سگهي ٿي، مامرو ڪيئن بہ هجي، اهڙيءَ طرح ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن رڪارڊ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ چئي سگهي ٿي، جيڪو انهيءَ ماڻهوءَ وٽ

شاهديون طلب ڪرڻ

Summoning of witness

موجود آهي.

(2) هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) هيٺ ڏنل حڪم تي سيڪريٽري جي دستخط ٿيل هوندي، جنهن ۾ هو پيش ٿيڻ جي تاريخ، وقت ۽ جڳهہ ٻڌائيندو يا رڪارڊ فراهم ڪرڻ لاءِ چوندو.

(3) اهڙي حڪم جي ڪاپي لاڳاپيل ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ ڏانهن بہ موڪلي ويندي، جيڪو تعميل ڪرائيندو يا پنهنجي صحيح ۽ ٺپي سان ان جي ڪاپي سڏايل ماڻهوءَ کي مهيا ڪندو يا معاملو جيئن هجي، پوءِ اهو ڪٽي رڪارڊ پيش ڪرڻ بابت هجي يا ان حڪم جي ڪاپي اهڙي هنڌ تي لڳائيندو جتي پيش ٿيندڙ ماڻهو آخري دفعو رهيو هجي.

(4) اهو ماڻهو جنهن کي شاهدي ڏيڻ، رڪارڊ يا دستاويز پيش ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي، سو سيڪريٽري کان اچڻ وڃڻ جو ڪرايو ۽ روزانو ڀتو وٺي سگهي ٿو جيترو ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ شاهد ڏيڻ لاءِ ڏئي سگهجي ٿو.

(5) اسيمبلي يا ڪميٽي ڪنهن بہ ماڻهو کي شاهدي ڏيڻ لاءِ گهرائي قسم کڻائي سگهي ٿي، جنهن تي سيڪريٽري، اسپيڪر يا ڪميٽيءَ جي چيئرمين طرفان بااختيار ٻڌايل ماڻهو شاهد کان قسم کڻائيندو.

(6) جڏهن حڪومت انهيءَ خيال جي آهي تہ اهو رياست جي تحفظ جي مفاد ۾ نہ آهي، يا امن امان قائم ڪرڻ جي مفاد ۾ ناهي، يا ڪي ٻيا اهڙا سبب آهن، جنهن ڪري ڪنهن آفيسر جو ڪوئي رڪارڊ يا ان جي اختياري

جنهن کي سرڪار جوڙيو هجي، تنهن کي سڏايو وڃي يا اسيمبليءَ يا ڪميٽيءَ کي مهيا ڪيو وڃي، تہ ڪو ماڻهو جيڪو پاڪستاني سرڪار جي نوڪريءَ ۾ آهي، تنهن کي سڏايو وڃي، يا تنهن کي اسيمبليءَ يا ڪميٽيءَ اڳيان شاهدي ڏيڻ تي مجبور ڪيو وڃي، تہ رڪارڊ ڏيڻ يا ماڻهو موڪلڻ جي حوالي سان سرڪار پنهنجي استحقاق جي دعويٰ ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ اسيمبلي يا ڪميٽي مامرو ڪنهن جو بہ هجي، گورنر کان حڪم وٺي سگهي ٿي تہ حڪومت پنهنجي استحقاق جي جيڪا دعويٰ ڪئي آهي اها مناسب آهي يا نہ، هن ڏس ۾ گورنر جو ڏنل حڪم آخري ڄاتو ويندو، جنهن کي ڪورٽ ۾ آڻي نٿو سگهجي.

وضاحت: حڪومت ۽ گورنر هن دفعہ جي روشنيءَ ۾ وفاقي حڪومت ۽ صدر ڄاتا ويندا، جيڪڏهن انهيءَ رڪارڊ جي طلب ڪئي وڃي ٿي، جيڪو وفاقي حڪومت جي قائم ڪيل اداري مان گهرايو پيو وڃي، يا اهڙي ماڻهو کي شاهدي ڏيڻ لاءِ سڏيو پيو وڃي، جيڪو وفاقي حڪومت ۾ ملازمت ڪري ٿو.

مراعت جي ڀڃڪڙي

Breach of privilege

14. (1) ڪير بہ هن ايڪٽ جي اهڙي نموني سان مخالفت ڪري ٿو جنهن مان ڪنهن بہ اسيمبليءَ يا ڪميٽيءَ جي ميمبر جو استحقاق مجروح ٿئي ٿو تہ ڀوءِ ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ڇهن مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿي ۽ مٿس ڏنڊ مڙهي سگهجي ٿو جيڪو 5 هزار رپين تائين وڌائي سگهجي ٿو يا

هڪ وقت ٻئي سزائون ڏئي سگهجن ٿيون.

(2) هن ايڪٽ جي دفعہ 13 مطابق جيڪڏهن ڪو شخص شاهدي ڏيڻ يا رڪارڊ پيش ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو آهي، ۽ اهو انڪار ڪري ٿو يا مناسب سبب ڪانسواءِ اسيمبليءَ يا ڪميٽيءَ اڳيان پيش نٿو ٿئي يا رڪارڊ نٿو مهيا ڪري تہ هن کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ڇهن مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿي يا ان تي ڏنڊ بہ مڙهي سگهجي ٿو جيڪو هڪ هزار رپين تائين هوندو يا هڪ ئي وقت تي ڪيس ٻئي سزائون ڏنيون ويندیون.

(3) جيڪڏهن ميمبر ڪانسواءِ ڪو ٻيو ماڻهو اسيمبليءَ جي حدن اندر وڳوڙ پيدا ڪري ٿو جنهن ڪري اسيمبليءَ يا ڪميٽيءَ جي ڪارروائي ۾ خلل پئي ٿو يا رڪجي وڃن ٿيون، تہ اهڙي نماڻهو کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ڇهن مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿي يا هن تي ڏنڊ بہ وجهي سگهجي ٿو جيڪو هڪ هزار رپين تائين هوندو يا هڪ ئي وقت تي ٻئي سزائون ڏئي سگهجن ٿيون.

ڏوهہ جي ٻڌڻي بابت عدالتي اختيار ۽ ڪارروايون روڪڻ

Cognizance of offence and stay proceedings

15. (1) فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي عدالت ڪانسواءِ، سيڪريٽري طرفان يا ان طرفان اختيار ڏنل ڪنهن آفيسر جي لکت واري شڪايت ڪانسواءِ ڪنهن ٻي ڪورٽ کي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهہ تي ڪارروائي جو اختيار نہ هوندو.

(2) هن ايڪٽ جي ذيلي دفعہ (1) مطابق اسپيڪر جي حڪمن ڪانسواءِ ڪا بہ اهڙي شڪايت نٿي ڪري

سگهجي.

(3) جيڪڏهن ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 (Act.V of 1898) جي تضاد ۾ ناهي، جيڪڏهن اسيمبليءَ جو اسپيڪر ڪورٽ کي ٻڌائي ٿو تہ اسيمبليءَ اهڙو ٺهراءُ پاس ڪري هن سيڪشن هيٺ داخل ٿيل لکت واري شڪايت واپس ورتي وڃي، تہ ڪورٽ انهيءَ شڪايت تي ڪارروائي ڪرڻ ڇڏي ڏيندي ۽ سمجهيو ويندو تہ اها شڪايت واپس ورتي وئي آهي.

ضمانت

Indemnity

16. هن ايڪٽ جي مطابق ڪنيل ڪنهن بہ قدم تي ڪو بہ مقدمو ڪارروائي يا قانوني چاره گوئي نٿي ڪري سگهجي.

منسوخي

Repeal

17. صوبائي اسيمبلي سنڌ جون مراعات ايڪٽ، 1972 ۽ صوبائي اسيمبلي سنڌ مراعات (ترميم) ايڪٽ، 1972 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.